

رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

# حافظ ملت جو شان

سنڌي




پيشڪش: مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: حافظِ ملت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو شان

ڇاپو پهريون: جمادي الثاني 1442 جنوری 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علام
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**
جو اُردو زبان ۾ رسالو

# حافظِ ملت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو شان

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

## فهرست

حافظ ملت رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہِ جو شان 1

دعاءِ عطار ........................ 1
درود شريف جي فضيلت ........................ 1
نالوءِ نسب ........................ 1
ولادت باسعادت ........................ 2
ڏاڏي محترم جي پيشنگوئي ........................ 2
والدِ ماجد جي خواهش ........................ 2
حافظ ملت جا والدين ........................ 2
ابتدائي تعليم ۽ حفظِ قرآن ........................ 3
صدرالشريعه جي شفقت ........................ 5
مبارڪ پور ۾ آمد ........................ 6
استاد جو ادب ........................ 7
ڪتابن جو ادب ........................ 7
قرآن پاڪ جو ادب ........................ 8
شاگردن تي شفقت ........................ 8
وقت جي پابندي ........................ 9
سنت سان محبت ........................ 10
حافظِ ملت جي سادگي ۽ حياء ........................ 12
صرف سکل ماني ڪائي پاڻي پي ورتو ........................ 12
قناعت ۽ سخاوت ........................ 13

بنا پيٽرول جي گاڏي هلي پئي ........................................ 15
ڪرنڊڙ ڇت کي روڪي ڇڏيو ........................................ 15
حافظ ملت جون ديني خدمتون ........................................ 16
حافظِ ملت ڪردار سنوارڻ وارا هئا ........................................ 17
حافظ ملت جا لکيل ڪتاب ........................................ 18
حافظ ملت جا ملفوظات ........................................ 18
بيعت و خلافت ........................................ 18
حافظ ملت جو مقام علماءِ ڪرام جي نظر ۾ ........................................ 19
بيماري ۾ ب حقوق الله جي پاسداري ........................................ 19
وصال پُر ملال ........................................ 20

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# حافظِ ملت رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جو شان

## دعاءِ عطار

ياالله پاڪ! جيڪو 20 صفحن جو رسالو ”حافظِ ملت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو شان“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي پنهنجي نيڪ ٻانهي حافظِ ملت رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جون برڪتون عطا فرماءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ برڪت نشان آهي: مون تي درود پاڪ پڙهي پنهنجي مجلسن کي آراسته ڪيو جو توهان جو درود پاڪ پڙهڻ قيامت جي ڏينهن توهان جي لاءِ نور هوندو.

(فردوس الاخبار ج١ ص ٤٢٢ ، حديث: ٣١٤٩ ، دارالفکر بيروت)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نالو ۽ نسب

پيرطريقت، رهبر شريعت، قائدِ قوم و ملت، رهبر اهلسنت، استاذ العلماء، حضور حافظِ ملت حضرت علامه مولانا شاه عبدالعزيز مُحدّث مرادآبادي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جو نالو”عبدالعزيز“ ۽ لقب”حافظِ ملت“ آهي جڏهن ته نسبي سلسلو عبدالعزيز بن حافظ غلام نور بن مولانا عبدالرحيم رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡهِم آهي.

## ولادت باسعادت

پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه 1312ھ بمطابق 1894ء تي ڳوٺ ڀوجپور(ضلع مراد‌آباد، يوپي هند) ۾ سومر جي ڏينهن صبح جي وقت هن دنيا ۾ تشريف ڪٽي آيا.

## ڏاڏي محترم جي پيشنگوئي(اڳڪٿي)

پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ڏاڏي مولانا عبدالرحيم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه دهلي جي مشهور محدث شاھ عبدالعزيز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي نسبت سان سندن نالو عبدالعزيز رکيو تہ جيئن هي بہ عالمِ دين بڻجي. (مختصر سوانح حافظ ملت ص ١٨ بتغير ، المجمع الاسلامي مبارک پور هند)

## والِد ماجد جي خواهش

والد محترم حضرت حافظ غلام نور رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي شروع کان اها خواهش هئي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ عالم دين جي حيثيت سان دينِ متين جي خدمت سرانجام ڏين، تنهنڪري ڀوجپور ۾ جڏهن بہ ڪو وڏو عالم يا شيخ تشريف آڻيندو هو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي صاحبزادي حضور حافظ ملت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي انهن وٽ وٺي ويندا هئا ۽ عرض ڪندا ها: حضور! منهنجي هن پٽ جي لاءِ دعا فرمايو. (حيات حافظ ملت ص ٥٣ ، المجمع الاسلامي مبارڪپور هند)

## حافظ ملت جا والدين

پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو والِدِ محترم احڪامِ شريعت جو پابند، مُتّبعِ سنت، باعمل حافظ ۽ عاشق قرآن هو. اٿندي ويهندي، هلندي ڦرندي قرآنِ مجيد جي تلاوت زبان تي جاري رهندي هئي، حفظِ قرآن ايترو تہ مضبوط هو جو پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه **”وڏي حافظ صاحب جي“** جي نالي سان

مشهور هئا. ٻارن جي عمر ست سال ٿيندي ئي انهن کي نماز روزي جي تاڪيد ڪندا هئا. ڪوئي ملڻ جي لاءِ ايندو هو ته خوب مهمان نوازي ڪندا هئا، جيڪڏهن مهمان نماز جو پابند هوندو هو ته رات ترسائيندا هئا نه ته صرف ماني کارائي رخصت ڪندا هئا، جڏهن حج و زيارت سان مشرف ٿيا ۽ واپسي تي پئسا ختم ٿي ويا ته ڪنهن جي سامهون هٿ ٽنگڻ بدران محنت و مزدوري ڪري پئسا جمع ڪيائون ۽ 9 مهينن کان پوءِ تشريف کڻي آيا. تقريباً 100 سال عمر ماڻي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري هميشه واري عالم ڏانهن روانا ٿيا. (حيات حافظ ملت ص ۵۴ ملخصاً)

**ماءُ** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي امڙ سائڻ نماز ۽ روزي جون تمام گهڻيون پابند هيون. مسلمانن جي خيرخواهي ۽ ايثار جو اهڙو جذبو عطا ٿيو هو جو گهر ۾ غربت هئڻ جي باوجود پاڙيسرن جو تمام گهڻو خيال رکنديون هيون، اڪثر پنهنجو ڪاڌو هڪ بيوه پاڙيسري عورت کي کارائي ڇڏينديون هيون ۽ پاڻ بک تي رهنديون هيون. (حياتِ حافظ ملت ص ۵۵ ملخصاً)

## ابتدائي تعليم ۽ حفظِ قرآن

**حضور** حافظ ملت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ابتدائي تعليم ناظره ۽ حفظ قرآن جي تڪميل والدِ محترم حافظ غلام نور رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه وٽ ڪئي. ان کان علاوه اردو جا چار ڪلاس ڀوجپور ۾ پڙهيا، جڏهن ته فارسي جا ابتدائي ڪتاب ڀوجپور ۽ پيپل سانه (ضلع مراد آباد) مان پڙهي گهريلو مسائل جي ڪري تعليمي سلسلو روڪي ڇڏيائون ۽ پوءِ ڀوجپور ئي ۾ مدرسه حفظ القرآن ۾ مُدرس ۽ وڏي مسجد ۾ امامت

جا فرائض سرانجام ڏنائون. (مختصر سوانح حافظ ملت، ص ۲۲ ملخصاً) حافظِ ملّت رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ 1339ھ تي تقريباً 27 سال جي عمر ۾ ”جامعہ نعيميہ“مرادآباد ۾ داخلا ورتي ۽ ٽن سالن تائين تعليم حاصل ڪئي. پر هاڻي علم جي پياس شدت اختيار ڪري چڪي هئي تنهن ڪي سير ڪرڻ لاءِ ڪنهن علمي سمند جي تلاش هئي. (منصر سوانح حافظ ملت ص ۲۴ ملخصاً وغيره)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! تحصيلِ علم جي لاءِ عمر جي ڪا حد مقرر ناهي، يقيناً علم دين حاصل ڪرڻ خوشنصيبن جو حصو آهي، جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهي تہ درس نظامي(عالم ڪورس) ۾ داخلا وٺي اخلاص سان علم دين حاصل ڪيو ۽ ان جون خوب خوب برڪتون حاصل ڪيو. جيڪڏهن هي نہ ٿي سگهي تہ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀري مدني قافلن ۾ سفر ڪيو جو اهو بہ علمِ دين حاصل ڪرڻ ۽ بيشمار برڪتون حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. اچو! علمِ دين جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ هڪ حديث پاڪ پڙهو ۽ حصول علمِ دين ۾ مشغول ٿي وڃو.

تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪو علم حاصل ڪري ۽ ان کي ماڻهن بہ وٺي تہ ان جي لاءِ ٻيڻو ثواب آهي ۽ جيڪو نہ حاصل ڪري سگهي ان جي لاءِ هڪ ثواب آهي. (مشكاة المصابيح ج١ ص ٦٨ ، حديث:٢٥٣، دارالكتب العلميہ بيروت) مفسر شهير حڪيم الامّت حضرت مفتي احمد يارخان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ ٻيڻي ثواب جي وضاحت ڪندي فرمائن ٿا: هڪ علم طلب ڪرڻ جو، ٻيو حاصل ڪري وٺڻ جو، چوتہ اهي ٻئي عبادتون آهن ۽ هڪ ثواب جي

وضاحت ۾ فرمائن ٿا: يا ته طالبِ علمي جي زماني ۾ مري وڃي (جو) تڪميل جو موقعو نه ملي يا ان جو ذهن ڪم نه ڪري پر اهو علم جي طلب ۾ لڳل رهي تڏهن به ثواب ماٽيندو. (مرآة المناجيح ج١ ص ٢١٨ ، ضياءالقرآن پبليڪيشنز لاهور)

## صدرالشريعه جي شفقت

شوال المڪرم1342ھ ۾ حافظِ ملت رَحْمَةُاللّٰہِ عَلَيْه پنهنجي ڪجھ ڪلاس فيلو دوستن سان گڏجي اجمير شريف پهتا، انهن ۾ امامُ النحو حضرت علاّمه غلام جيلاني ميرٺي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه به شامل هئا. جيئن ته صدرالشريعه رَحْمَةُاللّٰہِ عَلَيْه سيٺي ڪي جامعه مُعينيه ۾ داخلا ڏياري، تمام درسي ڪتاب بين مُدرسن ۾ ورهائجي ويا پر حضرت صدرالشريعه شفقت طور پنهنجي مصروفيات مان فارغ ٿي تهذيب ۽ اصول الشّاشي جو درس ڏيندا هئا. علمِ منطق جي ڪتاب”حَمدُ الله“ تائين تعليم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ حافظ ملّت رَحْمَةُاللّٰہِ عَلَيْه معاشي پريشاني ۽ ذاتي مصروفيات جي ڪري وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جو ارادو ترڪ ڪري دورهءِ حديث شريف پڙهڻ جي خواهش ظاهر ڪيائون ته حضرت صدرالشريعه رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه شفقت سان فرمايو: آسمان زمين ٽڄي سگهي ٿو، جبل پنهنجي جڳھ تان هٽي سگهي ٿو، پر توهان جو هڪ ڪتاب به رهجي وڃي اهو ممڪن نٿو ٿي سگهي. اهو ٻڌي پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه پنهنجو ارادو تبديل ڪيو ۽ مڪمل دلجمعي سان صدرالشريعه رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جي خدمت ۾ رهي علم جون منزلون طئي ڪندا رهيا، آخرڪار استادِ محترم قبله صدرالشريعه رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جي نگاهِ فيض سان 1351ھ بمطابق 1932ء ۾ دارالعلوم منظرِ اسلام

بريلي شريف مان دوره﮽ حديث مڪمل ڪيائون ۽ دستار فضيلت ٿئي. (حافظ ملت ص نمبر۲۳۲ ملخصاً وغيره)

## مبارڪ پور ۾ آمد

پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه 29 شوالُ المُڪَرَّم 1352ھ مطابق14 جنوري 1934ء تي مبارڪپور پهتا ۽ مدرسه اشرفيه مِصباح العلوم(واقع محله پراڻي بستي) ۾ تدريسي خدمتن ۾ مصروف ٿي ويا. اجان ڪجهه مهينا ئي مس گذريا هئا ته پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جي اندازِ تدريس ۽ علم و عمل جا چرچا عام ٿي ويا ۽ علم جي اڃايلن جو هڪ سمنڊ اٿلي پيو جنهن جي ڪري مدرسي ۾ جڳهه پرجي وئي ۽ هڪ وڏي درسگاهه جي ضرورت محسوس ٿي. جيئن ته پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه پنهنجي جِدّوجهد سان1353ھ ۾ دنياءِ اسلام جي هڪ عظيم درسگاهه (دارالعلوم) جي تعمير جو آغاز گولا بازار ۾ فرمايو جنهن جو نالو سلطانُ التارڪين حضرت مخدوم سيّد اشرف جهانگير سمناني رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جي نسبت سان”دارالعُلوم اشرفيه مصباحُ العلوم“ رکيو ويو. (سوانح حافظ ملت ص ۳۹ کان ۴۰ ، وغيره)

**حضور** حافظ ملت رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه شوال 1361 ھ ۾ ڪجهه مسئلن جي بنياد تي اِستِعفا ڏئي (عهدو ڇڏي) جامعه عربيه ناگپور تشريف وٺي ويا، چوته پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه ماليات جي فراهمي ۽ تعليمي معاملات ۾ وڏي مهارت رکندا هئا، تنهنڪري دارالعلوم اشرفيه ڇڏي وڃڻ کان پوءِ اتان جا تعليمي ۽ معاشي حالات نهايت ڪمزور ٿي ويا ته حضرت صدرالشريعه رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جي حڪم تي 1362ھ ۾ ناگپور مان اسعيفا ڏئي بيهر مبارڪپور تشريف وٺي آيا ۽ سڄي زندگي دارالعلوم اشرفيه مبارڪپور سان وابسته رهي تدريس ۽ ديني خدمتون سرانجام ڏيندا

رهيا. حافظِ ملت رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جي ڪوشش سان مفتي اعظم هند شهزاده اعليٰ حضرت مفتي محمد مصطفيٰ رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي هٿ سان 1392ھ بمطابق 1972 ۾ مبارڪ پور ۾ زمين جي هڪ وڏي حصّي تي الجامعة الاشرفيه (عربي يونيورسٽي) جو سنگِ بنياد رکيو. (حياتِ حافظ ملت ص ٢٥٠ کان ٧٠٠)

## استاد جو ادب

**حافظ ملت** رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه **حضور** صدرالشريعه رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جي بارگاه ۾ هميشه گوڏن ڀر ويهندا هئا، جيڪڏهن صدرالشريعه رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڪمري کان ٻاهر تشريف وٺي ويندا ها ته شاگرد اٿي بيهندا هئا، ۽ انهن جي وڃڻ کانپوءِ ويهي رهندا هئا ۽ جڏهن واپس تشريف آڻيندا هئا ته ادب طور بيهر اٿي بيهندا هئا پر حافظ ملت رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه هن سڄي وقفي دوران بيٺل ئي هوندا هئا ۽ جڏهن حضرت صدرالشريعه رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه مَسنَدِ تدريس تي تشريف آڻيندا هئا ته پوءِ ويهي رهندا هئا. (حياتِ حافظ ملت ص ٧٠ ملخصا)

## ڪتابن جو ادب

**پاڻ** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه قيام گاهه ۾ هوندا هئا يا درسگاهه ۾، ڪڏهن ڪو ڪتاب ليٽي يا ٽيڪ لڳائي ڪونه پڙهندا هئا بلڪ وهاڻو يا ڊيسڪ وغيره تي رکي پوءِ پڙهندا هئا، قيام گاهه کان يا مدرسي کان قيام گاهه جي طرف ويندي ڪڏهن ڪو ڪتاب ڪٿي وڃڻو هوندو هو ته سڌي هٿ سان پڪڙي سيني سان لڳائيندا هئا، ڪنهن طالبِ علم کي ڏسندا هئا ته ڪتاب لٽڪائي وڃي رهيو آهي ته ان کي فرمائيندا هئا: ڪتاب جڏهن سيني سان لڳايو ويندو ته سيني ۾ لهندو ۽ جڏهن

ڪتاب کي سيني کان پري رکيو ويندو تہ ڪتاب بہ سيني کان پري رهندو.

## قرآن پاڪ جو ادب

**هڪ پيرو** موڪل کان پوءِ ڪيئي طالبِ علم دارالعلوم اشرفيہ جي سيڑهين وٽ حضور حافظ ملت رَحمَۃُ اللہِ عَلَیۃ جي زيارت و ملاقات جي لاءِ منتظر بيٺا هئا، پاڻ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیۃ تشريف کڻي آيا تہ سڀ شاگرد احترام طور سندن پنيان پنيان هلڻ لڳا. اوچتو پاڻ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیۃ هڪ طالبِ علم کي فرمايو: توهان اڳيان اڳيان هلو. اِهو ٻڌي طالبِ علم گهٻرائجي ويو تہ فرمايائون: توهان وٽ قرآن شريف آهي، انهيءَ ڪري اڳيان اڳيان هلڻ جو چئي رهيو آهيان. (حياتِ حافظ ملت ص ٦٦)

محفوظ سدا رکھنا شہا بے ادبوں سے — اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے ادبی ہو

(وسائلِ بخشش، ص١٩٣، مکتبۃ المدينۃ کراچي)

## شاگردن تي شفقت

**حضور** حافظِ ملت رَحمَۃُ اللہِ عَلَیۃ علمِ دين جي طلبگارن سان بي پناہ محبت فرمائيندا هئا، شاگردن جي غلطي ڪرڻ سبب مدرسي مان فارغ ڪرڻ جي سخت خلاف هئا ۽ فرمائيندا هئا: مدرسي مان شاگردن کي ڪڍي ڇڏڻ بلڪل ائين ئي آهي جيئن ڪو پيءُ پنهنجي ڪنهن پٽ کي الڳ ڪري ڇڏي يا جسم جي ڪنهن بيمار عضوي کي ڪٽي الڳ ڪري ڇڏي، وڌيڪ فرمائن ٿا: انتظامي فائدن کي سامهون رکي جيتوڻيڪ اهو ڪم مباح آهي، پر مان ان کي بہ اَبْغَضُ مُباحات (يعني جائز معاملات ۾ سخت ناپسند ڳالهين) مان سمجهان ٿو. (حياتِ حافظ ملت ص ١٨١)

## وقت جي پابندي

حضور حافظِ ملت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وقت جا انتهائي پابند ۽ قدردان هئا، هر ڪم پنهنجي وقت تي ڪندا هئا، مثلاً محلي جي مسجد ۾ وقت جي پابندي سان باجماعت نماز ادا ڪندا هئا، تدريس جي وقتن ۾ پنهنجي ذمّيواري کي چڱي طرح نڀائيندا هئا، موڪل کان پوءِ قيام گاهه ڏانهن موٽندي ۽ ڪاڏو ڪائي ڪجهه دير قيلولہ(يعني منجهند جي وقت ڪجهه دير جي لاءِ آرام) ضرور ڪندا هئا، قيلولہ جو وقت مقرر ٿيل هو، چاهي هڪ وقت جو مدرسو هجي يا ٻنهي وقتن جو، ظهر جي مقرر ڪيل وقت تي بهرحال اٿي ويندا ۽ باجماعت نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ جيڪڏهن ٻي وقت جو مدرسو هوندو هو تہ مدرسي تشريف وٺي ويندا هئا نہ تہ ڪتابن جو مطالعو ڪندا يا ڪنهن ڪتاب مان درس ڏيندا يا حاجت مندن کي تعويذ عطا فرمائيندا هئا، شروع شروع ۾ عصر جي نماز کانپوءِ سيرو تفريح جي لاءِ آبادي کان ٻاهر تشريف وٺي ويندا هئا پر ان وقت بہ شاگرد ساڻ هوندا هئا جيڪي علمي سوالات ڪندا ۽ تسلي بخش جواب حاصل ڪندا هئا، جيڪڏهن ڪنهن جي عيادت جي لاءِ وڃڻو هوندو هو تہ اڪثر طور عصر کان پوءِ ئي ويندا هئا، قبرستان مان گذرندي اڪثر رستي تي بيهي قبرن تي ختم شريف ۽ ايصال ثواب ڪندا ها. مغرب جي نماز کانپوءِ کاڏو کائيندا هئا ۽ پوءِ گهر جي ورانڊي ۾ هلندي تازي هوا جهٽيندا هئا، عشاء جي نماز کانپوءِ ڪتابن جو مطالعو ڪندا ۽ گڏوگڏ رهائشي طالبن جي سارسنڀال بہ لهندا هئا تہ اهي پڙهائي ۾ مصروف آهن يا نہ، عام طور ٻارهين وڳي تائين سمهي رهندا هئا ۽ تَهجُّد جي لاءِ رات جي آخري حصي ۾ اٿندا هئا، تهجد پڙهڻ کان پوءِ

بہ ڪجھ دير جي لاءِ سمهي رهندا هئا، رات ۾ چاهي ڪيتري ئي دير جاڳڻو پوندو هو پر ڪڏهن فجر قضا ڪانہ ٿيندي هئي. (حيات حافظ ملت ص ۷۹ ڪان ۸۰ ملخصاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ پنهنجي وقت جو قدر ڪيون ۽ سستي ختم ڪري سڄي ڏينهن جي ڪمن جو هڪ شيڊيول بڻايون تہ جيئن هر ڪم وقت تي ڪرڻ جا عادي بڻجي وڃون. انهيءِ ضمن ۾ شيخ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ ارشاد فرمائن ٿا: ڪوشش ڪيو تہ صبح اٿڻ کان وٺي رات جو سمهڻ تائين سڀني ڪمن جا وقت مقرر هجن. مثلاً ايتري وڳي تهجد، علمي مصروفيت، مسجد ۾ تڪبيرِ اوليٰ سان باجماعت نماز، اشراق، چاشت، ننڊ، ڪسبِ معاش (رزق جي تلاش)، منجهند جي ماني، گهريلو معاملات، شام جون مصروفيتون، چڱي صحبت (جيڪڏهن اهو ميسر نہ هجي تہ تنهائي سڀ کان بهتر آهي) اسلامي ڀائرن سان ديني ضروريات جي حوالي سان ملاقات وغيره جا وقت مقرر ڪيا وڃن، جيڪي هن جا عادي ناهن انهن جي لاءِ ٿي سگهي ٿو شروع ۾ ڪجھ مشڪل پيش اچي. پوءِ جڏهن عادت بڻجي ويندي تہ ان جون برڪتون پاڻهي ظاهر ٿي وينديون.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سنت سان محبت

حضور حافظ ملت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي سڄي زندگي معلّمِ ڪائنات صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سيرتِ پاڪ جو نمونو هئي، جيئن تہ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ پنهنجي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ جي

صفحي نمبر 213 تي ارشاد فرمائن ٿا: **حافظ ملت** رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ پنهنجي هر عمل ۾ سنت جو تمام گهڻو خيال رکندا هئا. هڪ ڀيري حضرت صاحب جو ساڄو پير زخمي ٿي پيو، هڪ صاحب دوا آندي ۽ چيو: سائين! دوا آندي آهي. سردي جي موسم هئي، پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ کي موزا پاتل هئا، پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ پهريان کاٻي پير مان موزو لاٿو، ان شخص چيو: سائين! زخم ته ساڄي پير ۾ آهي! پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ فرمايائون: کاٻي پير مان پهريان لاهڻ سنت آهي.

**هڪ** ٻيو واقعو نقل ڪندي فرمائن ٿا: حضور **حافظ ملت** رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ جي عمر شريف 70 سال کان وڌيڪ ٿي چڪي هئي، ريل جو سفر ڪري رهيا هئا، ريل جي جنهن ڊٻي ۾ وينا هئا، اتفاق سان اُن ۾ هڪ ڊاڪٽر صاحب به وينو هو، ڊاڪٽر صاحب ڪلام شروع ڪيو ته **حافظ ملت** رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ جي علمي جلالت مان تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ هر هر ڪين ڏانهن حيران ٿي ڏسندو رهيو، دورانِ گفتگو ڊاڪٽر صاحب تَعَجُّب جو اظهار ڪندي چيو: مولانا صاحب! مان اکين جو ڊاڪٽر آهيان مان ڏسان پيو ته هن عمر ۾ به توهان جي نظر تيز آهي، بلڪ توهان جي اکين ۾ ٻارن جي اکين جهڙي چمڪات آهي. مون کي ٻڌايو ته ان جي لاءِ توهان ڪهڙي شيءِ استعمال ڪندا آهيو؟ فرمايائون: مان ڪا خاص دوا وغيره ته استعمال ڪونه ڪندو آهيان، باقي هڪ عمل آهي جنهن کي مان مسلسل ڪندو آهيان، رات جو سمهڻ وقت سنت جي مطابق سرمو استعمال ڪندو آهيان ۽ منهنجو يقين آهي ته هن عمل کان بهتر اکين جي لاءِ دنيا جي ڪا دوا نٿي ٿي سگهي.

## حافظِ ملت جي سادگي ۽ حياء

پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي زندگي نهايت سادي ۽ سڪون واري هئي جو جيڪو لباس پائيندا هئا اهو ٿلهو سوٽي ڪپڙي جو هوندو هو، ڪرتو ڪليدار وڏو هوندو هو، پاجامو پيڏين کان مٿي هوندو هو، مٿي مبارڪ تي ٽوپي هوندي هئي جنهن تي عمامو هر موسم ۾ سجيل هوندو هو. شيرواني به پائيندا هئا، هلندي وقت هٿ ۾ لٺ هوندي هئي. رستي تان هلندا هئا ته نگاهون جهڪائي هلندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: مان ماڻهن جا عيب نٿو ڏسڻ چاهيان. گهر ۾ هوندا هئا ته به حياء ڪي سامهون رکندا هئا، صاحبزاديون وڏيون ٿيون ته گهر جي مخصوص ڪمري ئي ۾ آرام فرمائيندا هئا، گهر ۾ داخل ٿيندي وقت لٺ زمين تي زور سان هڻندا هئا ته جيئن آواز پيدا ٿئي ۽ گهر جا ماڻهو خبردار ٿي وڃن، غير مَحرم عورتن کي ڪڏهن سامهون ڪونه اچڻ ڏيندا هئا. (حيات حافظ ملت ص ١٧، ١٧٥ وغيره)

## صرف سڪل ماني ڪائي پاڻي پي ورتو

ٿهر اندر پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي سادگي ۽ قناعت جو اِهو حال هو جو هڪ ڀيرو سندن وڏي صاحبزادي رات جي ڪاڏي ۾ ڪين سامهون ننڍي ٽوڪري ۾ ماني رکي ۽ بعد ۾ دال جو پيالو آڻي ويجهو ئي رکي ڇڏيو. روشني پري ۽ گهٽ هئي، تنهنڪري پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه دال کي ڏسي نه سگهيا صرف سُڪل ماني ڪائي پاڻي پيتائون ۽ ڪاڏي کان پوءِ واري دعا پڙهڻ لڳا، صاحبزادي عرض ڪيو: بابا سائين! توهان دال ڪونه ڪاڌي؟ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تعجب مان پڇڻ لڳا: اڇا! دال به آندي هئي، مون سمجهيو اڄ صرف خالي ماني ئي آهي.

**سبحٰن الله**! قربان وڃجي! حافظِ ملّت رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جهڙين مبارڪ هستين تي، جن رضاءِ الٰهي ڪارڻ دنياوي عارضي لذّتون ترڪ ڪري ڇڏيون ۽ عيش و عشرت کي ڇڏي ڪري سادگي ۽ عاجزي اختيار ڪئي. الله پاڪ انهن پاڪيزه هستين جي صدقي اسان کي به نيڪ اعمال تي استقامت ۽ هرحال ۾ پنهنجي رضا تي راضي رهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

ہمیشہ نگاہوں کو اپنی جھکا کر کروں خاشعانہ دعا یا الٰہی
میں مٹی کے سادہ سے برتن میں کھاؤں چٹائی کا ہو بستر یا الٰہی

(وسائلِ بخشش، ص۸۵)

**حضور** حافظ ملت رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه هن حديث مبارڪ جي عملي تصوير هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه ننڍپڻ ئي کان فرائض و سنن جا پابند هئا ۽ جڏهن کان بالغ ٿيا ته نمازِ تهجد شروع ڪري ڇڏي جنهن تي سڄي حياتي عمل رهيو. صلوٰة الاوّابين ۽ دلائل الخيرات وغيره لڳاتار پڙهندا هئا. ايسيتائين جو آخري ڏهاڙن ۾ بين کان پڙهائي پڌندا رهيا، روزانو صبح جو سوره يٰسين ۽ سورة يوسف جي تلاوت جو اهتمام ڪندا هئا جڏهن ته جمعي جي ڏينهن سوره ڪهف جي تلاوت معمولات ۾ شامل هئي. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائيندا هئا ته عمل ايترو ئي ڪيو جيترو مسلسل ڪري سگهو. (حياتِ حافظ ملت ص ۷۹ ملخصاً)

## قناعت ۽ سخاوت

**حافظ** ملت رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه پنهنجي ذات تي خرچ ڪرڻ بدران ٻين تي خرچ ڪري خوشي محسوس ڪندا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي سيرت مبارڪ

جو مطالعو ڪرڻ سان اها حديث بي اختيار زبان تي اچي ٿي: لَا يُؤْمِنُ اَحَدُ كُمْ حَتّٰى يُحِبَّ لِاَخِيْهِ مَا يُحِبُّ لِنَفْسِهٖ يعني توهان مان ڪامل مؤمن اهو آهي جيڪو پنهنجي ڀائرن جي لاءِ به اهائي شيءِ پسند ڪري جيڪا پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو. (بخاري شريف ج١ ص١٦ حديث:١٣، دارالکتب العلميہ بيروت)

جن تي حافظِ ملت خصوصي ڪرم ڪندا هئا انهن جو تعداد تمام گهڻو آهي، حافظ ملت جي وصال ڪانپوءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه جو هڪ پراڻو ٿيلهو مليو جنهن ۾ سڄي ملڪ مان آيل خط هئا. ان ۾ ڪيئي سفيد پوش عالمن ۽ دين جي خادمن جون اهڙيون تحريرون ۽ شڪرنامي جا خط هئا جن جي حافظِ ملت مدد فرمائيندا هئا. (حيات حافظ ملت ص١٨٩ ملخصاً)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** حضور حافظِ ملت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه يقيناً هڪ باعمل عالمِ دين هئا پر هتي اها ڳالهه ياد رکو ته جيڪڏهن ڪنهن عالم جي مستحبات و نوافل وغيره ۾ بظاهر ڪمي نظر اچي ته ان جو اهو مطلب ناهي ته اهو قابلِ تعظيم ۽ لائقِ خدمت ناهي. جيئن ته اعليٰ حضرت، امام اهلسنت مولانا شاه امام احمد رضاخان رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَیۡه علماءِ ڪرام جو شان بيان ڪندي ارشاد فرمائن ٿا: قرآن ڪريم انهن سيني کي انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جو وارث قرار ڏنو آهي ايسيتائين جو بي عمل يعني اهي جيڪي فرائض و واجبات جي ته پابندي ڪن پر بين نيڪ ڪمن، مستحبات ۽ نوافل ۾ سستي ڪن، اهڙن عالمن کي به وارث قرار ڏنو آهي جڏهن ته اهي صحيح عقائد رکندا هجن ۽ سڌي رستي جي طرف دعوت ڏيندا هجن، اها قيد انڪري آهي جيڪو عقائد ۾ صحيح ناهي ۽ ٻين کي غلط عقائد جي طرف سڏڻ وارو آهي اهو پاڻ گمراه ۽ ٻين کي گمراه ڪرڻ وارو آهي، اهڙو

انسان نبي عَلَيْهِ السَّلَام جو وارث ناهي بلڪ شيطان جو نائب هوندو آهي، تنهنڪري صرف صحيح عقائد وارو ۽ ان جي طرف ٻين کي دعوت ڏيڻ وارو انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جو وارث آهي جيتوڻيڪ بي عمل هجي. (شريعت و طريقت ص ۱۴ ، مکتبة المدينہ ڪراچي)

سارے سنی عالموں سے تو بنا کر رکھ سدا — کر ادب ہر ایک کا، ہو نانہ تو ان سے جدا
اِنْ شَآءَاللّٰه دو جہاں میں میرا بیڑا پار ہے — مجھ کو اے عطار سنی عالموں سے پیار ہے

(وسائلِ بخشش ، ص٦۴٦ )

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بنا پيٽرول جي گاڏي هلي پئي

**هڪ ڀيرو** سفر کان واپسي تي گاڏي جو پيٽرول ختم ٿي ويو، ڊرائيور عرض ڪيو: سائين! هاڻي گاڏي اڳتي نٿي هلي سگهي، اهو ٻڌي ٻيا ساٿي پريشان ٿي ويا پر ان وقت بہ حافظ ملت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پُراعتماد انداز ۾ ڊرائيور کي فرمايو: گاڏي اسٽارٽ ڪيو: گاڏي پاڻ هلندي انشاءالله، ايترو فرمان ٻڌندي ئي ڊرائيور چابي گهمائي تہ گاڏي هلي پئي ۽ اهڙي هلي جو سڄي واٽ ڪٿي بہ ڪانہ رُڪي. (حياتِ حافظ ملت ص٢١٢ملخصاً)

## ڪرنڊڙ ڇت کي روڪي ڇڏيو

**نيڪي** جي دعوت صفحي نمبر 213 تي پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي هڪ ڪرامت لکيل آهي تہ: الجامعةُ الاَشْرَفيہ جي باني حافظِ ملت حضرت علامہ شاه عبدالعزيز مُحدث مرادآبادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه نهايت باڪمال بزرگ هئا. سوانح نگارن پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جون ڪيئي ڪرامتون بيان ڪيون آهن. انهن مان هڪ هيءَ بہ آهي تہ جامع مسجد مبارڪ شاه

پهريان ننڍي هئي ۽ ڪافي پراڻي بہ ٿي وئي هئي، آبادي جي گهڻائي جي لحاظ سان وڏي مسجد جو هئڻ بہ ضروري هو، بهرحال پراڻي مسجد شهيد ڪري نئين مسجد جو بنياد رکيو ويو ۽ مسجد جي توسيع جو ڪم شروع ٿيو، مبارڪ پور جي مسلمانن وڏي دلچسپي ۽ جذبي سان مسجد جي تعمير ۾ بہ حصو ورتو، حضرت حافظ ملت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن ڪم جا بطورِ رهنما ۽ سربراھ هئا، حضرت صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جامع مسجد جي لاءِ پوري توجهہ ۽ محنت سان چندي جي فراهمي ڪئي، مبارڪ پور ۾ ڪافي جوش وجذبو هيو. غربت جي باوجود مسلمان پنهنجي ديني جذبي جو ڀرپور ثبوت ڏئي رهيا هئا، مردن پنهنجي ڪمائي مان ۽ عورتن پنهنجي زيورن وغيره سان امداد ڪئي. جڏهن مسجد جي ڇت مڪمل ٿي تہ حاجي محمد عمر نهايت پريشاني جي عالم ۾ ڊوڙندا حافظ ملت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وٽ آيا ۽ چيو: حافظ صاحب! جامع مسجد جي ڇت ڪِرڻ واري آهي، هاڻي ڇا ٿيندو! حاجي صاحب اهو چوندي روئي ڏنو. حضرتِ حافظِ ملت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جلدي مان اٿيا، وضو ڪيو ۽ حاجي صاحب سان گڏجي ٻاهر نڪتا ۽ پنهنجي پاڙيسري خان محمد صاحب کي بہ ساڻ ورتو، جامع مسجد پهچي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي بانس جا لڪڙا لڳائي ڇڏيا. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ڇت نہ صرف برابر ۽ درست ٿي وئي، بلڪ اڄ بہ ڪو ڏسندو تہ ان کي اها خبر نہ پوندي تہ مسجد جي ڪهڙي حصي جي ڇت جهڪيل هئي.

## حافظ ملت جون ديني خدمتون

**حضور** حافظِ ملت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ بهترين مُدرّس، مصنف، مناظرِ اسلام ۽ منتظم اعليٰ هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو سڀ کان وڏو ڪارنامو الجامعة

الاشرفيہ مبارڪپور(ضلع اعظم ڳڙھ يوپي هند) جو قيام آهي جتان فارغ التحصيل عالم سڄورا هند جي سرزمين کان وٺي ايشيا، يورپ و امريڪا ۽ اَفريقہ جي مختلف ملڪن ۾ دينِ اسلام جي سربلندي ۽ مسلڪِ اعليٰ حضرت جي ترويج و اشاعت ۾ مصروفِ عمل آهن. (حيات حافظ ملت ص ۵۳۳ ، ملخصاً)

## حافِظِ ملت ڪردار سنوارڻ وارا هئا

**پاڻ** رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ هڪ شفيق ۽ مهربان پيءُ جيان شاگردن جون ضرورتون ۽ تعليم و تربيت سان گڏوگڏ انهن جي شخصيت کي بہ سنواريندا هئا جيئن تہ رئيس القلم حضرت علامہ ارشدُ القادري رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ ارشاد فرمائن ٿا: استاد شاگرد جو تعلق عام طور مدرسي تائين محدود هوندو آهي، پر پنهنجي شاگردن سان حافظ ملت جي تعلّقات جو دائرو ايترو تہ وسيع هو جو پوري درسگاھ ان جي هڪ ڪنڊ ۾ سمائجي وڃي، هيءُ انهن جي قلب ۽ نظر جي بي انتها وُسعت ۽ انهن جي جگر جو بي پناھ حوصلو هو تہ پنهنجي شاگردي ۾ داخل ٿيڻ واري طالبِ علم جون بيشمار ذميواريون پاڻ ڪٽندا هئا، طالب علم درس گاھ ۾ ويهي تہ ڪتاب پڙهائن، باهر رهي تہ اخلاق و ڪردار جي نگراني ڪن، خاص مجلس ۾ شريڪ ٿي تہ هڪ عالمِ دين جي وصفن جي واقفيت ڪرائن، بيمار ٿي تہ نقش و تعويذات سان ان جو علاج پيا ڪن، تنگدستي جو شڪار ٿي وڃي تہ مالي مدد پيا فرمائن، پڙهي فارغ ٿي تہ نوڪري تي پيا لڳرائن ۽ نوڪري جي دوران ڪا مشڪل پيش اچي تہ مسئلو حل پيا فرمائن، طالب علم جي ذاتي زندگي، شادي مرادي، ڏک سُک کان وٺي خاندان تائين جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ مڪمل توجھ پيا فرمائن، طالب علم

مدرسي ۾ رهي يا فارغ ٿي هليو وجي هڪ شفيق پيءُ جيان هرحال ۾ سرپرست ۽ ڪفيل رهيا. هي ئي آهي اها منفرد قابليت جنهن حافظ ملت رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ کي پنهنجي هڪ جيڏن ۽ همعصرن جي وچ ۾ هڪ تعميري زندگي جي حيثيت سان ممتاز ۽ آشڪار ڪري ڇڏيو هو. (حيات حافظ ملت، ص۳۰۷، بتغير)

## حافظ ملت جا لڪيل ڪتاب

**پاڻ** رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ تحرير و تصنيف ۾ بہ ڪامل مهارت رکندا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ مختلف موضوعن تي ڪتاب لکيا جن مان چند نالا هي آهن: مَعارف حديث (احاديثِ ڪريمہ جو ترجمو ۽ ان جي عالمانہ تشريح جو مجموعو) (2) ارشاد القرآن (3) المصباحُ الجديد (هي رسالو مڪتبة المدينہ تان ”حق وباطل ۾ فرق“ جي نالي سان ڇپجي چڪو آهي.) (4) اِنْباءُ الغيب (علمِ غيب جي عنوان تي هڪ نرالو رسالو) (5) فرقہِ ناجيہ(هڪ فتويٰ جو جواب) (6) فتاويٰ عزيزيہ (شروعاتي دارالعلوم اشرفيہ جي دارالافتاء مان ڪيل سوالن جو مجموعو، غير مطبوع) (7) حاشيہ شرح مرقات.(سوانح حافظ ملت ص ۷۳)

## حافظِ ملت جا ملفوظات

(1)جسم جي قوّت جي لاءِ ورزش ۽ روح جي قوّت جي لاءِ تهجد ضروري آهي.(2) ڪم جي لائق انسان بڻجو، ڪم ئي انسان کي مُعزّز بڻائي ٿو.(3) احساسِ ذميداري سڀ کان قيمتي سرمايو آهي.(4) وقت ضايع ڪرڻ سڀ کان وڏي محرومي آهي. (سوانح حِيات حافظ ملت ص۷۴ کان ۷٦ ملتقطا)

## بيعت و خلافت

**حافظ** ملت شيخُ المشائخ حضرت مولانا سيّد شاه سيّد علي حسين اشرفي ميان ڪڇوڇوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جا مريد ۽ خليفه هئا. استادِ محترم صدرالشريعه حضرت علامه مولانا امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کان به سندن خلافت و اجازت ملي. (سوانح حافظ ملت ص٢٢)

## حافظ ملت جو مقام علماءِ ڪرام جي نظر ۾

**صدرالشريعه** بدرالطريقه مفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مونکي زندگي ۾ به جڻا شوق ۽ ذوق سان پڙهڻ وارا مليا، هڪ مولوي سردار احمد (يعني محدثِ اعظم پاڪستان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه) ۽ ٻيو حافظ عبدالعزيز (يعني حافظِ ملت مولانا شاه عبدالعزيز رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه) (حيات حافظ ملت ص ٨٢٥)

صاحبزاده اعليٰ حضرت مفتي اَعظم هند علامه مصطفيٰ رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هن دنيا مان جيڪي ماڻهو هليا وڃن ٿا انهن جي جڳهه خالي رهندي آهي. خاص طور مولانا عبدالعزيز(رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه )جهڙا جليل القدر عالم، مردِ مؤمن، مجاهد، عظيم المرتبت شخصيت ۽ ولي جي جڳهه پرجڻ تمام مشڪل آهي. (حياتِ حافظ ملت ص ٨٢٤)

## بيماري ۾ ب حقوقُ الله جي پاسداري

**حضور** حافظ ملت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه دينِ متين جي خدمت ۽ سُنّيت جي آبياري جي مقدس جذبي تحت نه ڏينهن ڏٺائون نه وري رات، جيئن ته لاڳيتو ڪم ۽ گهٽ آرام جي ڪري پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه بيمار ٿي پيا، ڊاڪٽرن آرام ڪرڻ جي سخت تاڪيد ڪئي پر پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه درس و تدريس ڪونه روڪيائون، رمضان شريف ۾ پنهنجي گهر تشريف

ونئي ويا پر بيماري جي باوجود هڪ روزو بہ ترڪ ڪونہ فرمايائون، تراويح ۾ قرآن ڪريم ختم فرمايو ۽ هر ڪم پنهنجي وقت تي پورو ڪندا رهيا. (حیات حافظ ملت ص ۸۰۵)

## وصال پُر ملال

31 مئي1976ء تقريباً شام 4 وڳي ڏسڻ وارن کي ڪامل يقين ٿي ويو تہ هاڻي پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ جلدي صحتياب ٿي ويندا بلڪ رات ڏهہ وڳي تائين بہ سندن طبيعت ۾ ڪافي حد تائين سڪون ۽ صحتيابي جا آثار ڏٺا ويا پر اميد جي برعڪس پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ يڪم جمادي الأُخريٰ1396ھ بمطابق 31 مئي1976ء رات يارهن لڳي 55 منٽن تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ (حیات حافظ ملت ص ۸۰۹ ملخصاً وغیرہ)

پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي آخري آرامگاهہ الجامعة الاشرفيہ مبارڪپور جي صحن ۾”قديم دارُالاقامہ“ جي اولهہ جي طرف ۽”عزيز المساجد“ جي اتر طرف ۾ واقع آهي، هرسال انهيءَ تاريخ تي پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ جو عرس ملهايو ويندو آهي. (سوانح حافظ ملت ، ص۵۸)

اللّٰہ پاڪ اسان کي هنن مقدس هستين جي نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرماءِ.

اللّٰہ پاڪ جي انهن تي رحمت هجي انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي. آمين

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❋ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❋ روزانو ”فڪر مدينه“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ الله عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”**مدني انعامات**“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”**مدني قافلن**“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ الله عزوجل







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net